ڊاڪٽر نسرين ٽيپو

# نياز همايونيءَ جي شاعريءَ ۾ ٻوليءَ جي حسناڪي

## Himayoni Beauty of language in the Poetry of Niaz

**Abstract**

Niaz Himayooni is a distinguished modern poet of the Sindhi language, known for expressing the rich culture of Sindh. He transformed traditional Aroozi and classical poetry by introducing modern social and political themes, presenting them in an artistic manner. His poetry showcases a multidimensional beauty, characterized by its diverse themes and artistic creativity. Himayooni's wisdom and delicate use of language, along with his employment of metaphors, similes, and symbols, set him apart as both a unique and relatable poet for the masses. In this research paper, I explore the creative beauty of language in Niaz Himayooni's poetry. The aim is to understand how a creative and imaginative poet like him skillfully adopts delicate meanings and language aesthetics in his work. His extraordinary creativity in form, topics, and language usage has earned him a distinct identity as a poet in the Sindhi language. This research paper contributes to a deeper understanding of Niaz Himayooni's stature as a creative poet and emphasizes the vital role of the Sindhi language in preserving its beauty. Additionally, the importance of poets and poetry in advancing the language is highlighted throughout the paper.

**Keywords:** Modern poet, Sindhi language, linguistic creativity and delicacy, social and political themes

سنڌ جي ترقي پسند ۽ روشن خيال شاعرن، جن ڌرتيءَ جي نج ۽ تز ٻوليءَ کي پنهنجي شاعري ۾ استعمال ڪيو هجي، انهن ۾ نياز همايونيءَ جو نالو بہ نمايان نظر اچي ٿو.

نياز همايونيءَ جو اصل نالو مشتاق احمد هو، پر هُن ادبي نالي نياز همايونيءَ طور شهرت مَاڻي. نياز همايوني ديني مدرسي ”احياءَ العلوم“، جيڪو مولانا عبدالغفور ’مفتون‘ همايونيءَ جو قائم ڪيل هو، ان ۾ مولانا جي ڏوهٽي مولانا عبدالباقيءَ جي

نگرانيءَ ۾ تعليم حاصل ڪئي. هن عربي، فارسي، سنڌي ۽ طب جي تعليم حاصل ڪئي ۽ قرآن شريف جو حافظ بہ ٿيو. روزگار جي سلسلي ۾ نياز همايوني ڪراچيءَ مان "الشهباز" اخبار ڪڍي، رستم، شڪارپور ۽ ٽنڊو حيدر ۾ حڪمت جو ڌنڌو بہ ڪيو. پر آخر ۾ 1965ع کان مرڪزي اردو بورڊ ۾ نوڪري شروع ڪيائين.

> "1965ع کان حيدرآباد ۾ قائم ڪيل مرڪزي اردو بورڊ ۾ ڊائريڪٽر جي حيثيت ۾ ڪم ڪيائين. 1988ع ۾ رٽائر ٿيڻ کانپوءِ مختلف علمي ۽ ادبي ادارن لاءِ ترجمي، تاليف ۽ حڪمت جي ڪم ۾ مصروف رهيو."[1]

نياز همايونيءَ جي شاعريءَ جي ڇپيل ڪتابن ۾ "ساٿيهہ جي ساک (1975ع)"، "ڌرتيءَ جا گيت" (1977ع)، تاج جويي جو مرتب ڪيل "دل ۽ ڌرتيءَ جا گيت (2009ع: جنهن ۾ ٻئي ڪتاب ۽ نئين هٿ ڪيل شاعري بہ موجود آهي)، شامل آهن. سندس فن ۽ فڪر تي ڊاڪٽر نسرين ٿيبو جي پي ايڇ ڊي ٿيسز "نياز همايوني جي شاعري جو فني ۽ فڪري جائزو (2024ع)" بہ لکي ويئي آهي. ان کانسواءِ تاج جويي، نياز جي طنزيہ ۽ مزاحيہ شاعريءَ جو مجموعو "دوزخ ۾ رهڻ جي ريهرسل" بہ ترتيب ڏنو آهي، جيڪو روشني پبليڪيشن وٽ ڇپجي رهيو آهي. شاعريءَ ۽ نثر ۾ نياز جا لکيل ۽ ترجمو ڪيل ڪتابن جو تعداد 21 آهي، جيڪي ڇپجي چڪا آهن ۽ لڳ ڀڳ 19 ڪتاب ڇپجڻ جي اوسيئڙي ۾ آهن. نياز همايونيءَ جي ڇپيل ڪتاب واري شاعريءَ ۾ ٽي وايون، ٽي ڪافيون، بيت، گيت، لوڪ گيت، غزل، دوها ۽ نظم موجود آهن، جن جو تعداد تمام گهڻو آهي، جن ۾ طنزيه ۽ مزاحيه نظم بہ اچي وڃن ٿا.

شاعري انسان جي داخلي دنيا جي اُڪيڙ ڪندي آهي، ۽ گڏوگڏ انسان جي آسپاس موجود ماحول، سماجي حالتن ۽ تاريخ جي ارتقائي مرحلن کي بہ محفوظ ڪرڻ جو ڪم ڪندي آهي. اهڙيءَ طرح وطن، ٻولي، ثقافت ۽ ان جي مٽيءَ سان وابستگي شاعريءَ جو گڻ آهي يا فطرت جي حسن ۽ ڪرشمي سازيءَ کي بيان ڪندي آهي. هر وڏو شاعر انهن سڀني رنگن ۽ انگن جو مرڪب هوندو آهي.

شاعريءَ جي فني جوڙجڪ ئي، ان کي حسن بخشي ٿي، جيڪا ٻڌندڙ يا ڏسندڙ کي تسڪين بہ ڏئي ٿي ۽ خوشي جو هڪ خوبصورت احساس بہ ڏياري ٿي.

نياز همايونيءَ جي شاعري، موضوع، ترنم، نغمگيءَ، ٻولي ۽ هيئت جي لحاظ کان سنڌي شاعريءَ جو اهم حوالو آهي. ان سلسلي ۾ نذير سومرو لکي ٿو:

> "جن شاعرن نئين هيئت هيٺ منفرد لهجي ۾ شاعري ڪئي آهي تن ۾ نياز همايونيءَ جو نالو اهميت وارو آهي. هو ذوالفقار راشديءَ جو حوالو ڏيندي نياز جي شاعريءَ لاءِ لکي ٿو "اهڙيون پياريون سٽون، لفظ، محاورا

۽ ترڪيبون رکو نياز همايونيءَ جهڙي گڻواڻ ۽ سچي ڪلاڪار جي زرخيز قلم مان ئي ڦٽي سگهن ٿيون. نياز ٻهراڙيءَ جي ڪن هالوچالو نستن ۽ بي ساهه لفظن ۾ هيڪاندو ساهه ۽ سواد ڀري ڇڏيو آهي. پاروٿن خيالن، الوڙن جذبن کي تازگيءَ ۽ چهراڻ ڏني آهي. شاعر ٻولين جا ٻڌائيندڙ ۽ نگهبان ٿيندا آهن. انهيءَ نڪته نظر کان نياز جو پورهيو ڪيرون لهڻي." (2)

اها ٻولي جيڪا عام ماڻهن جي ٻولي هجي، جنهن ۾ لفظن جو ڀنڊار هجي ۽ جنهن ۾ سهڻي ۽ سيبتي جڙت هجي، ان متعلق محمد ابراهيم جويو لکي ٿو:

"ٻولي آواز جو مها ساگر آهي، ان ۾ لفظن جي موتين جا ڀنڊار ڀريا پيا آهن. اديب ۽ ليکڪ اهي سجاڻ ۽ ساڃاهه وارا غواص آهن، جيڪي هن جي بحر بي پايان مان رکو املهه ۽ عين گهرج وارا موتي چونڊي ٻاهر ٽا آڻين، ۽ پوءِ انهن مان ويهي پنهنجي ادب جون مالهائون پوئين. لفظن جي اها چونڊ ۽ جائتي جڙت ئي آهي، جيڪا هڪ اديب جي عبارت کي امتياز بخشي ٿي. ياد رکڻ جهڙي ڳالهه آهي ته ٻوليءَ جو هر لفظ پس منظر ۾ معنائن جي هڪ دنيا پاڻ وٽ رکي ٿو ۽ جڏهن ڪو لفظ ڳائجي ٿو يا ٻڌجي ٿو لکجي ٿو يا پڙهجي ٿو تڏهن اهو پنهنجي انهيءَ سموريءَ دنيا سميت اچي ٿو اسان سامهون بيهي. لفظن جي انهي دنيا کي سمجهبو تڏهن ئي ان جو صحيح ۽ وزنائتو استعمال ڪري سگهبو. اهو ئي سبب آهي، جو دنيا جي مقبول عام اديبن هميشه ڌارين ٻولين جي غير ضروري لفظن، اصطلاحن ۽ ترڪيبن ۽ خود پنهنجين ٻوليءَ جي ڳرن ۽ غير مانوس لفظن کي استعمال ڪرڻ کان انتهائي پرهيز پئي ڪئي آهي." (3)

شاعريءَ ۾ ٻوليءَ جي باريڪين، ان جي نزاڪتن، معنائن جي انيڪ خوبصورتين ۽ نفاستن کي فقط اهو ئي شاعر تخليقي سطح تي استعمال ڪري سگهندو، جنهن وٽ ٻوليءَ جو اڻ ميو خزانو هوندو ۽ ان کي استعمال ڪرڻ جي مڪمل صلاحيت پڻ رکندو هوندو ۽ ان ۾ ڪو به شڪ نه آهي ته نياز جي شاعري ۾ اهي سڀ صلاحيتون موجود آهن. نياز کي ٻوليءَ تي وڏي دسترس حاصل هئي. هن وٽ لفظن جو بي بها خزانو موجود هو. هو نون لفظن، نون اصطلاحن، فقرن ۽ ترڪيبن گهڙڻ ۽ انهي خزاني کي تخليق ڪرڻ جي وڏي مهارت رکندو هو. اها حقيقي قوت ئي آهي، جنهن جي ڌات سان شاعري ڪندي، هن جي ذهن تي ڪئين تز سنڌي لفظ ۽ سهڻيون سٽون لاشعور، طور تري ايندڙيون هيون.

ويهين صديءَ جي پوئين اڌ ۾ جن شاعرن سنڌي شاعريءَ جي ڪينواس تي پنهنجا نقش ڇڏيا، تن ۾ شيخ اياز، نياز همايوني، عبدالڪريم گدائي، تنوير عباسي، شمشير الحيدري، استاد بخاري، راشد مورائي، عبدالحڪيم ارشد نمايان آهن. پر انهن ۾ شيخ ايا ز ۽ نياز همايوني، انهي دوَر تي ڇانيل رهيا. نياز همايونيءَ جي انفراديت اها هئي، جو هو پنهنجي شاعري اسٽيج تي ترنم سان ڳائيندو هو جنهن ڪري هو ٻڌندڙن تي سحر طاري ڪري ڇڏيندو هو.

جديد ادب ۾ ڪنهن ادب پاري جي اهميت ۽ عظمت لاءِ موضوع، مواد ۽ ٻوليءَ کي وڏي اهميت حاصل آهي ۽ اهي اهڙيون شيون آهن، جن جو انتخاب ۽ استعمال، هڪ شاعر ۽ فنڪار جي فن کي فن جي بلندين تي پهچائي، سندس عظمت ۽ اثر کي همه گير ۽ لافاني بڻائي ٿو. جنهن فنڪار جو دامن موضوع، مواد ۽ ٻوليءَ جي چونڊ جي هنر کان خالي آهي يا وٽس اها ٻولي ۽ محاورا ڪونه آهن، جيڪي پڙهندڙن جي ذهن ۾ خوشبوءِ جي جهوٽي وانگر جذب ٿي وڃن، ته پوءِ اهڙو فنڪار، سڀ ڪجھ هجڻ جي باوجود قبول عام جو اهو درجو حاصل نٿو ڪري سگهي، جيڪو ڪنهن فنڪار کي انساني نسلن ۾ صدين تائين زنده ۽ متحرڪ رکي ٿو. نياز جي شاعري انهيءَ اصول تي سنڌي شاعريءَ جي انتهائي نمائنده ۽ نمايان بيٺل آهي. عبدالواحد آريسر لکي ٿو:

”نياز جي شاعري، ٻوليءَ جي لحاظ کان سنڌي ڪلاسيڪي چشمي مان سيراب ٿي، جديد موضوعات کي ائين پنهنجي گرفت ۾ وٺندي اڳتي وڌي رهي آهي، جيئن ڪا سانوري مالهڻ پنهنجي جهوليءَ ۾ گل چونڊيندي آهي. اها ٻولي اهڙي نج، نبار، بناوٽ کان خالي، صحت بخش ۽ تعميري هوندي آهي، جهڙي ماءُ جي ٿڃ. نياز کي ٻوليءَ لاءِ نه لغتن جا ڍير اٿلائڻا پوندا آهن، نه قبرون کوٽڻيون پونديون آهن ۽ نه وري لفظن کي ڳولڻ لاءِ سندرو ٻڌي ڪتابن جا جهنگل لتاڙڻا پوندا آهن. سنڌي ٻوليءَ جي لفظن جو بي انداز ذخيرو نهايت ترتيب، صفائيءَ ۽ تنظيم سان سندس رڳن جي رت سان گڏ گردش ڪندو رهندو آهي. هو سنڌي ماروئڙن جي زبانن تان لفظ چونڊيندو آهي ۽ سندن دلين ۾ جهاتيون پائي تشبيهون استعمال ڪندو آهي. سنڌي ٻوليءَ جا لفظ سندس شاعريءَ ۾ سمائجڻ لاءِ ائين بيقرار هوندا آهن، جيئن جوانيءَ ۾ جلندڙ حسن، عشق جي بيتاب پاڪرن ۾ سمائجڻ لاءِ.“ (4)

نياز جي شاعريءَ جي ٻولي روان آهي، جنهن ۾ مست نئن وارو وهڪرو به آهي، تشبيهن جي اُٽت به آهي، ترڪيبن ۽ استعارن جي حسناڪي به آهي ته نون فقرن جي تخليق به آهي. اچو ته سندس شاعريءَ جي سونهن مان لطف اندوز ٿيون:

گيت لکان يا ڳوڙهن ۾ ڪا ڳالهہ ڪريان، آس نراس جي آڏيڙن ۾
ويتر ٿي تقدير اٽائي، تدبيرن ڪئي ڪا نہ سٽائي.
اوندهہ اپڙي اوريان پريان، ڳوڙهن ۾ ڳالهہ ڪريان.(5)

هن پياري گيت ۾ ”آس نراس“، ”آڏيڙن“، ”اٽائي“، ”سٽائي“ ۽ ”اُپڙي“ لفظن جو استعمال اهو ظاهر ڪري ٿو تہ نياز وٽ لفظن جو پيندار موجود آهي، جنهن مان جيڪو وٽيس، سو پنهنجي مرضيءَ سان چونڊي ڪٿي بہ اٽت ڪري ڇڏي. ”آڏيڙن“ لفظ استعمال ۾ ڪونهي، جنهن جي جڳهہ تي ”ڏکن ڏاہن“ عام طرح استعمال ٿئي ٿو. ائين نياز ان کي وري جياريو آهي. ان ڪانسواءِ ”اُپڙي“ لفظ بہ نج سنڌي لفظ آهي، جيڪو نياز نهايت خوبصورتيءَ سان استعمال ڪيو آهي. اُپڙي جي معنيٰ اهي ”وڏي اچڻ“ يا ”گهيرو ڪري وجڻ“. اهڙا لفظ سيني مان ڪڍي پني تي اڪيرڻ نياز جو ئي ڪمال آهي.

نياز لوڪ گيتن ۾ بہ سهڻي، سلوڻي ۽ عام فهم ٻولي استعمال ڪئي آهي. سندس لوڪ گيتن ۾ ڪمال جي رواني آهي. ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو لکي ٿو:

”نياز همايونيءَ وٽ لوڪ رس تمام گهڻو آهي، هن ڪيترن لوڪ گيتن کي نوان ٻول ڏنا آهن. نياز جي ڪلام ۾ ’هَنبوشي‘، ’هو جمالو‘، ’سنيهو‘، ’چيڙو‘، ’همرچو‘ ۽ لولي پڙهندي، جيڪو لطف اچي ٿو ان جو اندازو اهو ماڻهو لڳائي سگهندو، جنهن کي هنن عوامي گيتن جي صحيح پروڙ هوندي.“(6)

نياز جو هڪ گيت ”چيڙو وڻي چڙيان“ آهي، چيڙو اناج جو قسم آهي، جنهن جون ست ڪلون هونديون آهن ۽ اهو چڙڻ ڏاڍو ڏکيو هوندو آهي. چيڙي جو ٻيت تمام لذيذ ٿيندو آهي ۽ اهو ڏٺ طور ڪم ايندو آهي. هن لوڪ گيت جا بہ بند ڏجن ٿا، جن ۾ ٻوليءَ جو استعمال ڪمال جو آهي:

تنهنجون ڳالهيون، تيرهن تاليون،
چيڙو وڻي چڙيان،
لوڪ جون لاتيون، چٽنگ چُنواتيون،
چيڙو وڻي چڙيان.(7)

هنن بندن ۾ ’تيرهن تاليون‘ ۽ ’چٽنگ چُنواتيون‘ ۽ ’لاتيون‘ جهڙا محاورا ۽ لفظ استعمال ڪيا ويا آهن، جيڪي ٻوليءَ کي وسعت بخشين ٿا ۽ نيٺ سنڌي لفظ ٻوليءَ کي خوبصورتي بخشين ٿا. هن گيت ۾ ٿر جي ٻهراڙيءَ جو پيارو منظر اکين جي اڳيان تري اچي ٿو.

سنيهو لوڪ گيت جي سونهن ڪي ڏسو:

سيج پلنگ تي پئي تي اُٿلان،
جڻ تہ تئي تي ماني،
منهنجا جاني، مان تہ سنيهو پئي ڳايان!
مان تہ سنيهو پئي ڳايان!

مٽي ۾ ڦيري، من ۾ اماڙيون،
جڻ تہ سِراڻ تي ڪاتي،
منهنجا ڀاتي، مان تہ سنيهو پئي ڳايان!
مان تہ سنيهو پئي ڳايان!

اڪڙين ۾ گهمِ، اندر ۾ اُلا،
جڻ تہ ڦڙين ۾ نهائين،
منهنجا سائين، مان تہ سنيهو پئي ڳايان!
مان تہ سنيهو پئي ڳايان!(8)

**سنيهو:** پيغام، نياپو اُماڙيون، باهہ سان ٻريل ڪاٺيون، اُلا!، باهہ نهائين، آوي، کُوري، جنهن ۾ مٽيءَ جا ٿانو پچي راس ٿيندا آهن.

نياز همايوني، عورت جي وڇوڙي جي جذبات جو اظهار عام رواجي 'پلنگ' ۽ 'تئي' کي استعمال ڪري شعر کي ڪهڙي نہ جوت بخشي آهي. عام رواجي شيون آهن، انهن کان سڀڪو واقف آهي، پر نياز چوي ٿو سيج پلنگ تي پئي تي اُٿلان، پٿلان، تئي تي مانيءَ وانگي پچان پئي، سيج پلنگ تي بيچين آهيان. نياز هن گيت ۾ هڪڙيون شاندار تشبيهون ڏئي لوڪ گيت ۾ نوان رنگ ڀري ڇڏيا آهن. هن گيت ۾ لفظن جي جڙت ۽ تشبيهن جي استعمال مان شاعر جي ٻوليءَ تي دسترس نروار ٿئي ٿي.

اهڙيءَ طرح ٻئي بند ۾ بہ نياز عام رواجي لفظن جو استعمال ڪيو آهي، جيڪي لفظ ٻهراڙيءَ ۾ گهر گهر ۾ استعمال ٿيندا آهن. مٽي ۾ ڦيري، من ۾ اُماڙيون، جڻ تہ سِراڻ تي ڪاتي پڻ لاجواب تشبيهہ آهي. اهڙي طرح ٽئين بند ۾ بہ نياز رواجي لفظ ڪم آندا آهن. اڪڙين ۾ گهم، اندر ۾ اُلا جڻ تہ ڦڙين ۾ نهائين. نياز هن لوڪ گيت ۾ عام رواجي لفظ تشبيهن سان ڪم آڻي ڪيئن نہ لوڪ گيت کي سنواري ۽ سينگاري ڇڏيو آهي ۽ ٻوليءَ جو حق ادا ڪيو آهي.

هن گيت 'وهي ڀتر ول جان ڦلاري' ۾ نياز جوانيءَ جي ڳالهہ ٿو ڪري، ان ۾ وڇوڙي جي ورلاپ جي ڪيئن نہ خوبصورت لفظي روپ ڏئي ٿو:

وهي   ڀترِ   وَل   جا   ڦُلاري،
پوپٽ   وانگي   نينهن   آيو،
پوپٽ   وانگي   نينهن   آيو!
ٽانڊاڻي جان آس الا، ٽمڪي دل جي واهڻ ۾،
اڏمن اُڻ تڻ لاتي هوءِ، باهہ لڳي، ڇڻ باهڻ ۾،
ڪيئنءَ ڪري اٽڃاڻ وِچاري،
پوپٽ   وانگي   نينهن   آيو!
چانڊوڪيءَ تي وير جيئن، لهي ڇڙهي تي چُور ٿئي،
دل ٿي چاهي تيئن ڪوئي، اوري اچي ۽ ڏور ٿئي،
سرس   ٿئي   سِڪ   هيڪاري،
پوپٽ   وانگي   نينهن   آيو!
پيار جي منڙي هير گُهلي، ڪڙيون مُرادن جون مڪڙيون،
هيج وسايون وستيون الا، جرڪيون ماڻڪ جان اکڙيون،
وسنوَ   ورونهن   تي   چوڏاري،
پوپٽ   وانگي   نينهن   آيو![9]

**وهي**: جوڀن، جواني. ڀتر ول: پوسل تي ٿيندڙ پيلن گلن واري ول. ڦلاري: گل ڀاڻيءَ تي وري، ڦلار ڪيائين، گل ٿيڙيائين. واهڻ: علائقو. اڻ تڻ: پريشاني، ڳڻتي. اڏمن: اندر مان نڪرندڙ جذبن. چُور: گم، ڏور پري. سرس: وڌيڪ، هيڪاري، گهڻي کان گهڻي. باهڻ: ٻيلي ۾ ٿيندڙ ٻانس جو وڻ. هيج: خوشيون. ورونهن: وندر، مصروفيت، خوشيءَ واري حالت.

نياز همايوني هن گيت ۾ جذبن جو اظهار فنڪاراڻي انداز سان پيش ڪري ٿو. نياز جي شاعري زندگيءَ جي مختلف رنگن جي شاعري آهي. هڪ حساس شاعر وانگر جيڪي ڪجهہ سندس مشاهدي ۾ اچي ٿو ان کي هو ٻين تائين پهچائي ٿو جنهن ۾ لڙڪ بہ آهن تہ مرڪ بہ آهي. خوشي بہ آهي ۽ غم بہ آهي. اڪيلائي بہ آهي، ميلو بہ آهي ۽ وصل وارو خوشين ڀريو ماحول بہ آهي. تشبيهہ جو سهڻو استعمال بہ جيئن ’پوپٽ وانگي نينهن آيو‘، ’هيج وَسايون وستيون آلا‘، ’جرڪيون ماڻڪ جان اکڙيون‘.

’ماڻڪ جان‘ ۽ ’پوپٽ وانگي‘ تشبيهون ڏئي ڪيڏو نہ شعر ۾ هن جمال پيدا ڪيو آهي ۽ ٻوليءَ کي نزاڪت بخشي آهي. هي سڄو گيت تشبيهن سان ٽمٽار آهي، هر بند ۾ تشبيهون آهن. نہ رڳو اهو پر نج نبار ۽ غير مروج لفظن جو استعمال بہ گيت کي انفراديت بخشي ٿو. نياز همايونيءَ جي هن گيت ۾ وچڙي يا جدا ٿي وڃڻ لاءِ ڪهڙا نہ معنيٰ خيز لفظ استعمال ٿيل آهن.

هينيون گيت بہ ڏسو:

تنهنجي دنيا سڀ رنگ، سانول!
مون وٽ روپ نڪو ٻهروپ الا!
مون وٽ روپ نڪو ٻهروپ الا!

تنهنجي دنيا چيٽ جا ميلا،
منهنجي دنيا هيڪل وياڪل،

منهنجي دنيا ولهيءَ جا واڪا،
تنهنجي دنيا ڇم ڇم پايل.[10]

**ٻهروپ:** شڪل جو ڊوڪو سامهون اچڻ جي رنگ روپ ۾
**هيڪل:** اڪيلي سر، توڪانسواءِ
**وياڪل:** ويڳاڻي، مايوس
**ولهي:** ڦريل عورت، اها عورت جنهن کي پنهنجا ڇڏي ويا هجن.
**واڪا:** دانهون، رڙيون، ڏاڍي سڏ ڪرڻ.

نياز جي صرف انهيءَ گيت جي هيئت منفرد نرالي ناهي، پر هن جا سڀ رومانوي رنگ جا گيت منفرد ۽ نرالي هيئت رکن ٿا. هن جي رومانوي رنگ جي گيت ۾ انتظار ۽ وڇوڙي جي احساسن ۽ ڪيفيتن جا ڪيترائي نوان رنگ آهن. انهن رنگن ذريعي گيت ۾ موجود ماحول ۽ منظر پڻ حسين لڳن ٿا. هن جي گيتن ۾ سنڌ جي ٻهراڙيءَ جا منظر نمايان نظر اچن ٿا. بهترين لفظي اڻت بہ گيت جي حسناڪيءَ ۾ واڌارو ڪري ٿي.

نياز همايونيءَ پنجابي صنف ماهيا کي سرائڪي ۽ سنڌي ويس ڍڪايو آهي. هن جي سرائڪي ماهيي جون سٽون ڏسو:

تيڏا جوبن بادامان دا وڻ بالو،
تيڏي ٻول ايوين، ماهيا جڻ بالو،

ميڏي ڳلي وچ چاندي دا هس ماهيا،
سونا پيار ميڏا جنهينڪون لڳدي نہ ڪس ماهيا.[11]

ماهيي ۾ عاشق عورت آهي ۽ معشوق مرد. مٿئين بند ۾ مرد چوي ٿو تہ تنهنجي جواني، تنهنجو جوبن بادام جي وڻ جهڙو سهڻو ۽ سيبتو آهي ۽ تنهنجو ڳالهائڻ، تنهنجي ٻولي ماهيي جهڙي مٺي ۽ سوادي آهي. هن بند ۾ لاجواب تشبيهن سان گڏ نياز پياري ٻولي بہ استعمال ۾ آندي آهي.

ٻئي بند ۾ عورت چوي ٿي منهنجي ٻچيءَ ۾ چانديءَ جو هس پيل آهي، جنهن سان آئون سهڻي لڳان ٿي، پر منهنجو پيار سونو آهي، جنهن کي ڪا ڪس ڪانه لڳندي. هن بند ۾ نياز همايونيءَ 'هس' ۽ 'ڪس' لفظ ڪم آندا آهن، جيڪي نه صرف گهڻ مروج آهن، پر شعر کي سونهن به بخشين ٿا.

نياز جو سنڌي ماهيو به ڏسو:

سائو سرينهن جو وڻ ماهيا،
ڇٽي آهيان گل جيان اچي مون کي ڪڻ ماهيا
يا
ننگا نيڻ حجاب جي حالت ۾،
ائين ٽڙڪن پيا، ڄڻ ڏوهي قيامت ۾. (12)

پهرئين بند ۾ عاشق عورت پنهنجي محبوب کي چوي ٿي آئون سائي ڇهڇ سرينهه جي وڻ هيٺان ان جي گلن جيان ڇٽي وئي آهيان ۽ آسروند آهيان ته تون مون کي پنهنجي مضبوط ٻانهن ۾ اچي ڪڻ. هيءَ بهترين تشبيهه ۽ بهترين ترڪيب آهي، جيڪا شاعر پنهنجي شاعريءَ ۾ استعمال ڪري شاعريءَ کي انفراديت ڏني آهي.

ٻئي بند ۾ ته نياز ڪمال ڪري ڇڏيو آهي. اهڙي تشبيهه، اهڙو گهاڙيٽو شايد ٻئي ڪنهن شاعر وٽ هجي؟ بي حجاب نيڻ جڏهن پنهنجي محبوب جي سامهون ائين ڏڪن ٿا، جيئن قيامت جي 'نفسا نفسيءَ' واري وقت ۾ ڏوهارين کي ڏڪڻي وٺيو وڃي.

نياز همايونيءَ جي دوهن ۾ به ٻوليءَ جو ڪرشماتي انداز پنهنجي رعنائين سان ملي ٿو. اچو ته سندس ان ٻوليءَ سان روح کي راحت بخشيون:

ساوڻ مينگهه ملهار الا، پنهنجي اکڙين ۾ آرانپيون، هوءِ!
اُڏمن جا آڙاهه پلا، ڪيئن سيني اندر سانپيون! هوءِ! (13)

**آرانپيون:** هڪڙي پرندڙ ڪانيءَ کي پرندڙ ٻاهه مان پرندي ڪيو ته اها امڙي يا چوچڙي سڏبي، پر جيڪڏهن اهڙيون چند پرندڙ ڪانيون گڏي ڪٽبيون ته اهي آرانپي سڏبيون.

نياز همايونيءَ جي شاعريءَ ۾ وچوڙي، عورت جي جذبن، احساسن جي جيڪا رنگيني آهي، اها پڙهندڙن کي هڪ نئين جهان ۾ پهچايو ڇڏي ٿي، عورت جي احساسن جي ترجماني نياز جي شاعريءَ کي ميناج، سادگي ۽ نفاست بخشي ٿي. ٻوليءَ جي خوبصورتي هن جي شاعريءَ ۾ اضافي خوبي آهي. هن جي شاعريءَ ۾ وچوڙي جي احساسن ۽ ڪيفيتن جا ڪيترائي نوان رنگ آهن، هن جي شاعريءَ ۾ سنڌ جي ٻهراڙيءَ جا منظر ڏسڻ ۾ اچن ٿا.

هي دوهو بہ ڏسو:

ٻہرن ڇاٽي سُرها پيلا گل، ورڪا ڪئي ٿي واٽن تي،
جن ڪي ڏسندي هِرڪيو هرڪو گهمڻ ڦرڻ جي آتن تي، (14)

**آتو:** ضد، رايو پنهنجي خواهش تي بَضد ٿي بيهڻ.

نياز لفظ آتو ورڪا، هِرڪيو هن دوهي ۾ استعمال ڪيا آهن. جيڪي لفظ هاڻي اڪثر ماڻهو ڳالهائين ڪونہ ٿا. ٻين لفظن ۾ هن انهن لفظن کي ٻيهر جياريو آهي ۽ نئين معنيٰ بخشي آهي. نياز اهڙا لفظ چونڊي ٻہراڙيءَ جي نج ٻولي سان شعر ۾ نزاڪت ۽ حسناڪي پيدا ڪئي آهي.

هن دوهي جي رنگيني بہ ڏسو:

تنهنجا چپ بہ عنابي ناهن، پنهنجي نگهہ بہ آتي ناهہ،
روح نہ آهي راس تہ ڪنهن کي پيار ڪرڻ جي چاتي ناهہ. (15)

**آتي:** تيار، بيتاب، جلدي ۽ تيزي سان چاهيندڙ.

نياز پنهنجي شاعريءَ ۾ لفظ 'آتي'، 'عنابي'، 'راس'، استعمال ڪري غير مروج لفظن کي وري جياريو آهي، جيئن 'عناب' لفظ کي ڇپن سان ڀيٽ ڏيئي ٻوليءَ کي ڪهڙي نہ جلا بخشي اٿس.

نياز جي طنزيہ ۽ مزاحيہ شاعري بہ ڪمال جي آهي. هن ان شاعريءَ ۾ پهاڪا، ڪنايا، چوڻيون، تشبيهون ۽ استعارا استعمال ڪيا آهن. جيڪي نياز جي ٻوليءَ تي دسترس جي گواهي ڏين ٿا. ان ڪانسواءِ هن ڪافي اهڙا غير مروج لفظ بہ استعمال ڪيا آهن، جيڪي خاص ڪري شهري زندگيءَ ۾ استعمال ئي ڪونہ ٿا ٿين. نياز جي مزاحيہ شاعريءَ لاءِ تاج جويو لکي ٿو:

> "نياز همايونيءَ جي مزاحيہ شاعريءَ ۾ ڪيترائي نظم شامل آهن. جن ۾ هن سماج تي تعميري تنقيد جا نشتر هلايا آهن. نياز جو ڪمال اهو آهي تہ هن سنجيدي شاعريءَ وانگر مزاحيہ شاعريءَ ۾ بہ تشبيهن ۽ استعارن جو خوبصورت استعمال ڪيو آهي. جنهن کي پڙهي معلوم ٿئي ٿو تہ سندس مصوراڻي نگاهہ جو ڪينواس ڪيڏو وسيع آهي. سندس ٻوليءَ تي گرفت ڪيڏي نہ مضبوط آهي" (16)

نياز جي مزاحيہ ۽ طنزيہ نظم "هي ٻي ماڻهو آهن"، جو بند پيش ڪجي ٿو:

رِلي ڪلهي تي ماني راڄن تي، ٻتڪن پيا در در تي،
ڪيپ ڪتي چڙهہ آيا سَدورا، ٻريون ٻڌائي گهر تي،

’مُفت جي مال تي دل بي رحم‘ ۽ ڏاڪ پرائي تر تي،
ڍونڍ پنيان ائين ديوانا ڇڻ ڪنگن ڪاهيو چر تي،
تہ بہ تا گامڻ خان سڏائن، هي پيي ماڻهو آهن!
هي پيي ماڻهو آهن سائين، ڪهڙا ماڻهو آهن.(17)

’رلي ڪلهي تي ماني راڄ تي‘، ’ڪيپ ڪٽڻ‘، ’پريون ٻڏائڻ‘، ’مفت جو مال تي دل بي رحم‘، ’ڏاڪ پرائي تر تي‘، ’ڍونڍ تي ديوانو‘ ۽ ’ڪانگن جي چر تي ڪاهڻ‘ جهڙيون تشبيهون ۽ ’گامڻ خان سڏائڻ‘ جهڙيون اصطلاح، چوڻيون ۽ پهاڪا هڪ ئي بند ۾ سهيڙڻ، سو بہ مزاحيه ۽ طنزيه شاعريءَ ۾، نياز جهڙو گڻواڻ ۽ ٻولي تي گرفت رکڻ وارو شاعر ئي ڪري سگهي ٿو.

سندس هڪ مزاحيه ڪافي، جيڪا مخدوم طالب المولىٰ جي ڪافي ’تو دلڙي يار ڏتاري‘ جي پيراڏي آهي، ان جو هڪ بند ڏسو:

تو رشوت جي نہ اڳاڙي،
پوءِ ير ڏسندي ڏنپ ڏهاڙي!
ڏسي خالي هٿين گهر واري، ڪٽي اٿندءِ ابتي ٻهاري،
شروع ٿيندءِ مارا ماري، ڪُسي ويندءِ تڪڙ ساري،
ايندءِ شڪل ۾ اهڙو ڦيرو ڙي، جهڙو لئي تي مقام جو ڳيرو ڙي،
ايندءِ بنا جهنڊن پڙ مائي، پيجي ڇڏيندي نان ڪتائي.
چوندين آئي مصيبت آئي، ڪري توبہ ڪنهندين ڪياڙي.(18)

هن بند ۾ ’اُبتي ٻهاري‘ جا مشاهداتي لفظ، ’تڪڙ ڪُسي وڃڻ‘ جو محاورو، شڪل جي مقام جي ڳيري سان تشبيهہ ۽ ’نان ڪتائي‘ جو استعارو انتهائي خوبصورت ۽ ٻولي جي استعمال جون ماهرانہ شاهديون آهن، جيڪي نياز همايونيءَ جي ٻوليءَ تي دسترس کي ظاهر ڪن ٿيون.

نياز همايونيءَ نظم بہ بهترين سٽاءُ ۽ لفظن جي شاندار چونڊ سان سرجيا آهن. نظم ’اچو تہ ڪو بلو ڪريون‘ کي ڏسو:

اچو تہ ڪو بلو ڪريون!
زمانو آهہ ذهن سان ستم طراز ساٿيو!
حقيقت تي وارجي ويا مجاز ساٿيو!
حيات و موت ۾ رهيو نہ امتياز ساٿيو!
اُٿو تہ انقلاب اچي، ٿي چاره ساز ساٿيو!
او دلنواز دوستو، او جانباز ساٿيو!

اچو تہ کو بلو ڪريون،
بلند حوصلو ڪريون،
جيئون جيئن جھان ۾ تي سرفراز ساٿيو!
اچو تہ ان سماج کي جلايون دل جي باھ سان،
جَلي سگھيو نہ آھ جو ستم رسين جي آھ سان،
ٿڪي پياسين هو الا، سھيڙي سور ساھ سان،
هَلو تہ ڪا هلان ڪريون، تي بي نياز ساٿيو!
او دلنواز دوستو، او جانباز ساٿيو!
اچو تہ کو بلو ڪريو،
بلند حوصلو ڪريون،
جيئون جيئن جھان ۾ تي سرفراز ساٿيو! (19)

نياز همايونيءَ هن نظم ۾ سنڌ جي نوجوانن، پوڙهن، عورتن ۽ انهن سڀني ماڻهن لاءِ لکيو آهي جيڪي هن سر زمين تي ڏک ۽ ڏاڍ سهي رهيا آهن. هي شعر ماڻهن کي همٿائين ٿا. دلين ۾ امنگ ۽ جوش پيدا ڪن ٿا، هڪ نئين نظام اڏڻ جي جدوجهد لاءِ اڀارين ٿا.

نياز انهيءَ سچ کان پوريءَ ريت باخبر آهي تہ ڦاپيل حق گهرڻ سان نہ، پر قرڻ سان ملندا آهن ۽ ان لاءِ جان جي قرباني ڏيڻي پوندي آهي. انهيءَ لاءِ حوصلي جي ضرورت آهي. اچو تہ ڪا تدبير ڪريون. اٿو تہ بلند حوصلو ڪريون. هلان ڪرڻ، بلند حوصلو ڪرڻ، بلو ڪرڻ، انقلاب آڻڻ، نياز وٽ اهي لفظ تدبير ڪرڻ لاءِ آهن. نياز همايوني اهڙا الفاظ استعمال ڪري شعر ۾ جان پيدا ڪري ڇڏي آهي.

نياز همايوني طويل نظم بہ بهترين فني سٽاءَ ۾ لکيا آهن. انهن ۾ ڪمال جي رواني آهي ۽ انهن ۾ ٻولي جو استعمال بہ انتهائي شاندار آهي. عبدالواحد آريسر لکي ٿو:

”زبان توڙي بيان جي سونهن ۽ سبيتائيءَ کي فن جي قالب ۾ جنهن ڪاريگريءَ سان نياز جڙيو ۽ جوڙيو آهي، سو سندس ئي دلڪش انداز تي سگهي ٿو. مختلف بحر ملائي طويل نظم ترتيب ڏيڻ، سو بہ اهڙيءَ صورت ۾ جو ان کي ايجاد جو رتبو ڏيڻو پوي ٿو. (20)

سندس طويل نظم ’ساٿيھ جي ساک‘ جا هي بند ڏسو.

تيرن جي وسڪار ائين جڻ ڳڙي جو ٽڙڪو ڌرتيءَ تي،
تبرن جو تڪرار ائين جڻ وڄ ڪري ڪنهن وستيءَ تي،
ڪڙڪي پڙ تي ڪٽار ائين جڻ موت جا هاڃا هستيءَ تي. (21)

تيرن جي وسڪار جي تشبيهہ ٻڙي (برف جو ٻڪيو= نج سنڌي لفظ) جي ٽڙڪي (ٻڙي جي ڪرڻ جو آواز) سان ڪيڏي نہ زبردست تشبيهہ آهي. اهڙيءَ طرح تبرن جي وچ سان پيٽ ۽ ڪٽار جي موت جي هاڃن سان تشبيهہ ڪهڙي نہ شاندار آهي. هن بند ۾ ٻڙو، ٽڙڪو، هاڃا وغيره خالص ٻهراڙيءَ جا ۽ نج سنڌي لفظ آهن، جيڪي تمام گهٽ استعمال ٿين ٿا.

رڻ پوميءَ ۾ رت جا راڱا، ڏوڏَ جي ڏاڪ جمائي ويا،
سانجهيءَ وانگي ساٽا ٽي ڪي چانڊوڪيون چمڪائي ويا،
ڪن جي هوڏ نہ هيناهين ٿي، اونداهيون ڦهلائي ويا. (22)

رڻ پومي، رت جا راڱا، ڏوڏ ۽ ڏاڪ لفظن جي اٽڪ ۽ ٻي سٽ ۾ سانجهيءَ وانگر ساٽا جي تشبيهہ ۽ چانڊوڪيون چمڪائڻ جو استعارو ان ڪانپوءِ ٽئين سٽ ۾ هوڏ تان جيڪو نٿو لهي اهو ٿي اونداهيون ڦهلائي ٿو. جهڙين سٽن جي چونڊ نياز جهڙو ٿي ٻوليءَ تي عبور رکڻ وارو شاعر ڪري سگهي ٿو.

تاج جويو نياز همايونيءَ جي شاعريءَ ڪي هيئين لفظن ۾ پيٽا ٿو ڏي:

”نياز همايونيءَ جي شاعريءَ ۾ اظهار جي سادگي، فڪر جي سونهن ۽ عصري دور جي سچائيءَ جو عڪس آهي. هن وٽ فڪري سجاڳي، ڌرتيءَ سان محبت، قومي جذبات ۽ محبت جا جمالياتي رنگ جهجها آهن. هن جي شاعريءَ ۾ خيال جي ندرت ۽ نغمگيءَ جو خوبصورت امتزاج ملي ٿو. هو مختلف اهڃاڻن ۽ علامتن ذريعي زندگيءَ جي حسن ۽ حقيقتن کي نہ رڳو اثرائتي ۽ تخليقي نموني سان بيان ڪرڻ جي سگهہ ۽ سرت رکي ٿو پر ٻي جان لفظن ۾ معنيٰ ۽ تاثر جو روح پيدا ڪري، پنهنجي شاعريءَ جي جمالياتي رنگن ذريعي عڪس ۽ احساس جي هڪ نئين دنيا پڻ تخليق ڪري ٿو. (23)

مجموعي طور نياز همايونيءَ جو مزاج ۽ لهجو سادو، سليس، نرم ۽ نرمل آهي. هن جي شاعريءَ جو سڄو سارو ماحول مٽيءَ جي خوشبو سان واسيل آهي ۽ هن ان مٽي مان ئي لفظ، تشبيهون، استعارا، چوٽيون، پهاڪا، عڪس ۽ اهڃاڻ چونڊي، پنهنجي شاعريءَ کي لازوال بنائي ڇڏيو آهي ۽ ٻوليءَ کي ست رنگي سونهن بخشي آهي.

## حوالا:


1. بلوچ، تاج، ”نياز همايونيءَ جي وفات تي لکيل ايڊيٽوريل“، ماهوار سوجهرو فيبروري 2003ع، ايڊيٽوريل پيج.
2. سومرو، نذير، پروفيسر، ”نياز همايونيءَ جي ياد ۾“، برسات، فيبروري 2003ع، ص: 12.

3. جويو محمد ابراهيم، "ادب، ٻولي ۽ تعليم"، سنڌي لئنگويج اٿارٽي، حيدرآباد، 2015ع، ص: 86.
4. آريسر، عبدالواحد، "دل ۽ ڌرتي جا گيت"، مرتب تاج جويو (ساٿيهه جي ساک 1975ع جو مهاڳ) روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو/حيدرآباد، 2009ع، ص:289 ۽ 290.
5. همايوني، نياز، "دل ۽ ڌرتي جا گيت"، ص: 49.
6. جوٽيجو عبدالجبار، ڊاڪٽر، "سنڌي ادب جي مختصر تاريخ"، گلشن پبليڪيشن حيدرآباد/ لاڙڪاڻو 2004ع، ص: 292.
7. ماهنامو "نئين زندگي"، جون 1965ع، ص: 56.
8. دل ۽ ڌرتي جا گيت، ص: 61.
9. ساڳيو ص: 53
10. ماهنامو "نئين زندگي"، آڪٽوبر 1963ع، ص: 39.
11. ماهوار "روح رهاڻ"، اپريل 1956ع، ص: 3.
12. ماهنامو "نئين زندگي"، سيپٽمبر 1964ع، ص: 44.
13. دل ۽ ڌرتي جا گيت، ص: 123.
14. ساڳيو ص: 140.
15. ساڳيو ص: 125.
16. جويو تاج (مرتب)، "دوزخ ۾ رهڻ جي ريهرسل" (ڇيڇڙ جي آخري مرحلي ۾) نياز همايوني جي طنزيه ۽ مزاحيه شاعريءَ جو مجموعو: ص: 29.
17. دوزخ ۾ رهڻ جي ريهرسل، ص: 70
18. ساڳيو ص: 77.
19. دل ۽ ڌرتي جا گيت، ص: 234 ۽ 237.
20. آريسر، عبدالواحد، "دل ۽ ڌرتي جا گيت"، (ڌرتي جا گيت 1977ع جي مهورت تي پڙهيل مقالو)، ص: 27.
21. دل ۽ ڌرتي جا گيت، ص: 450.
22. ساڳيو ص: 451.
23. جويو تاج، "نيڻ مهٽي خيال جاڳيا"، روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو/حيدرآباد، 1993ع، ص: 15.